# صديق لاءِ آهي خدا
# ۽ رسول فقط

13-February-2020



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

12فيبروري 2020 تي پاڪستان جي هفتہ وار اجتماعن ۾ ٿيندڙ بيان

# صديق لاءِ آهي خدا ءِ رسول فقط

## هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ

❖حضرت سيدنا صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو مختصر تعارف

❖ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مالي خدمت

❖ حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي مال جي ذريعي دينِ اسلام جي مدد

❖ حضرت سيدنا صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جون خدمتون

❖ ملکُ العلماء سيد محمد ظفر الدين بهاري جو تعارف

پيشڪش

مجلس المدنة العلميه

(شعبهٔ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

هرمبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ تي پيرا پڙهي

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# صديق لاءِ آهي خدا ۽ رسول فقط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## درود پاڪ جي فضيلت

حضرت سَيدُنا اِبنِ وَهب رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْه کان روايت آهي تہ اُمُّ المؤمنين حضرت سَيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا جي خِدمَت ۾ حضرت سَيدُنا ڪعب رَضِیَ اللہُ عَنْہ حاضِر ٿيا. ماڻهن رسولِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو تذڪرو ڪيو تہ حضرت سَيدُنا ڪعب رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو: هر روز ستَّر (70) هزار ملائڪ لهندا آهن جيڪي رسُولِ اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي قَبر شريف جي چوڌاري اچي پنهنجا پَر وڄائيندا آهن ۽ رسولِ رحمت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي دُرُود شريف پڙهندا رهندا آهن، ايستائين جو جڏهن شام ٿيندي ڏسندا آهن تہ هو (آسمانن ڏانهن) چڙهي ويندا آهن ۽ انهن جيان (بيا ملائڪ) لهندا آهن، اهي بہ ائين ئي ڪندا آهن، ايستائين جو جڏهن زمين ڪُلندي تہ حُضُورِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ستَّر (70) هزار ملائڪن (جي جُهرمٽ) ۾ نڪرندا جيڪي حُضُور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي (بارگاهِ رب العزت ۾) پهچائيندا.( مشكاة،كتاب احوال القيامة وبدء الخلق،باب الكرامات، ۴۰۱/۲ ،حديث: ۵۹۵۵)

بَيان ڪيل حديثِ پاڪ جي حوالي سان مفسرِ قرآن حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْه فرمائن ٿا: خيال رهي تہ هميشہ سمورا ملائڪ ئي حُضور (صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ) تي دُرُود موڪليندا آهن پر هي ستر (70) هزار ملائڪ اهي آهن جن کي سڄي عمر ۾ هڪ ڀيري دربار جي حاضري جي اجازت هوندي آهي،

اهي حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ حاضري ڏيندا آهن. جيڪو ملائڪ هڪ ڀيرو حاضري ڏئي ويندو آهي، ان کي ٻيهر حاضري جو شرف ناهي ملندو، سڄي عمر ۾ صرف ڪجهه ڪلاڪ يعني اڌ ڏينهن جي حاضري نصيب ٿيندي آهي. (مفتي صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حديثِ پاڪ جي هن حصّي " **ايستائين جو جڏهن زمين ڪُلندي ته حُضُور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ستَّر (70) هزار ملائڪن ۾ نڪرندا جيڪي حُضُورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ڪي پهچائيندا.**" جي وضاحت ۾ لکن ٿا:) يعني قيامت جي ان ڏينهن جي ڊيوٽي وارا ملائڪ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي جُهرمٽ ۾ وٺي ربّ ڪريم تائين گهوٽ جيان پهچائيندا. (مرآة المناجيح، ۸/۲۸۲تا ۲۸۳)

امامِ عشق و محبت، اعليٰ حضرت مولانا شاهه احمد رضا خان"حدائقِ بخشش" ۾ انهيءَ ڳالهه جي طرف اشارو ڪندي ڇا ته خوب فرمائن ٿا:

ستّر ہزار صُبح ہیں سَتّر ہزار شام
یُوں بندَگیِ زُلف و رُخ آٹھوں پہر کی ہے

(حدائق بخشش، ص۲۲۰)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻه مدني گُل: (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهسته آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندس،نه بيان ريڪارڊ ڪندس نه ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز جو ته ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجهه ٻُڌندس،ان کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اڄ جي بيان جو موضوع آهي"صديق لاءِ آهي خدا ۽ رسول فقط " اڄ انهيءَ باري ۾ ڪجهه مدني گل بيان ڪيا ويندا.

هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته دينِ اسلام الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهي. اها اسان جي تمام وڏي خوش قسمتي آهي جو اسان کي پيدا ٿيندي ئي سيني نبين جي سلطان، امام حسن و حسين جي ناني جان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي غلامي نصيب ٿي. اسان مسلمان آهيون، پر ڪمال اهو آهي جو جڏهن اسان جي زندگي جو هڪ هڪ پل ۽ هڪ هڪ لمحو شريعت تي عمل ڪندي اسلامي احڪامن جي تابعداري ۾ گذري. صبح جاڳڻ کان رات سمهڻ سميت هڪ هڪ عمل ۽ هڪ هڪ ڪم شريعت جي دائري جي اندر هجي. اسان جو اٿڻ شريعت

جي مطابق هجي، اسان جو ويهڻ شريعت جي مطابق هجي، اسان جو سمهڻ شريعت جي مطابق هجي، اسان جو پائڻ شريعت جي مطابق هجي، اسان جو ڳالهائڻ شريعت جي دائري ۾ هجي، اسان جو ٻڌڻ بہ شريعت جي دائري ۾ هجي، اسان جو پڙهڻ شريعت جي دائري ۾ هجي، تہ اسان جو پڙهائڻ بہ شريعت جي مطابق هجي. مطلب تہ! اسان جي هڪ هڪ ادا ۽ اسان جو هڪ هڪ ڪم شريعت جي مطابق هجي، اهو ئي هڪ مسلمان جو ڪم هئڻ گهرجي تہ ان جو جيئڻ، مرڻ، عبادت، رياضت سڀ ڪجهہ الله پاڪ جي لاءِ هئڻ گهرجي. قرآنِ پاڪ ۾ بہ انهيءَ ڳالهہ جي رهنمائي فرمائي وئي آهي، جيئن سيپاري8، سورة انعام جي آيت نمبر162 ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

قُلْ اِنَّ صَلَاتِیْ وَ نُسُكِیْ وَ مَحْیَایَ وَ مَمَاتِیْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿۱۶۲﴾

(پ۸،الانعام:۱۶۲)

ترجمو ڪنز الايمان: تون فرماءِ بيشڪ منهنجي نماز ۽ منهنجون قربانيون ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ سمورو الله جي واسطي آهي جيڪو سمورن جهانن جو رب آهي.

تفسيرِ صراط الجنان ۾ هن آيت سڳوري جي حوالي سان آهي: هن آيت ۾ جيڪو ڪجهہ فرمايو ويو آهي اهو حقيقت ۾ هڪ مومن جي زندگي جي عڪاسي آهي جو مسلمان جو جيئڻ، مرڻ، ۽ عبادت و رياضت سڀ ڪجهہ الله پاڪ جي لاءِ هئڻ گهرجي. زندگي الله پاڪ جي رضا جي ڪمن ۾ ۽ جيئڻ جو مقصد الله پاڪ جي دين جي سربلندي هجي. اهڙي طرح مرڻ پڻ ايمان جي حالت ۾ ٿئي ۽ ٿي سگهي تہ ڪلمۂ حق بلند ڪرڻ جي لاءِ هجي. اهڙي طرح عبادت جو شرڪِ جلي يعني واضح شرڪ ڪان پاڪ هئڻ تہ بهرحال ايمانيات ۾ داخل آهي، عبادت شرڪِ خفي يعني رياڪاري ڪان بہ پاڪ هجي ۽ خالص طور تي الله پاڪ جي رضا ۽ خوشنودي جي لاءِ هجي. (تفسير صراط الجنان،۳/۲۵۸)

**کنهن چا تہ خوب چيو آهي:**

*”میری زندگی کا مقصد تیرے دِیں کی سرفرازی میں اسی لیے مسلماں میں اسی لیے نمازی“*

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! يقيناً جڏهن جيئڻ مرڻ، اٿڻ ويهڻ، هلڻ ڦرڻ، سمهڻ جاڳڻ، مطلب تہ! زندگي جا سمورا ڪم الله پاڪ جي رضا ۽ خوشنودي جي لاءِ ٿي وڃن تہ الله جي رحمت ملي ويندي آهي. جيڪڏهن اسان تاريخ اسلام تي نگاهہ وجهون تہ اهڙيون ڪيئي شخصيتون نظر اچن ٿيون جن جو هر هر ڪم رضاءِ الٰهي جي لاءِ هوندو هو. خاص طور تي صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان تہ اها مقدس جماعت آهي جن جي تربيت خود الله جي آخري رسول رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائي. رضاءِ الٰهي جي مطابق زندگي ڪيئن گذاري وڃي انهن کان وڌيڪ ڪنهن کي خبر هوندي. بلڪ رضاءِ الٰهي جي مطابق زندگي ڪيئن گذاري ويندي آهي، انهن ئي امت کي سيکاريو آهي. صحابہ ڪرام جي هن مقدس جماعت ۾ بہ خاص طور پهريان خليفہ راشد، عاشقِ اڪبر، اَمير المؤمنين حَضرتِ سيدنا ابوبڪر صدّيق رَضِىَ اللهُ عَنْه جي سيرت ۽ حياتِ مقدسہ اسان جي لاءِ روشن مثال آهي. اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ سندن سڄي زندگي رضاءِ الٰهي ۾ گذاري.**

**الله پاڪ جو اهو فرمان تہ ”منهنجي نماز ۽ منهنجون قربانيون ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ سڀ الله جي لاءِ آهي“ هن شعر مان سندن زندگي بخوبي واضح ٿئي ٿي تہ**

پروانے کو چراغ، بُلبُل کو پھول بس

صدّیق کیلئے ہے خُدا اور رسول بس

**اچو! اڄ جي بيان ۾ حضرت صديقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ عَنْه جي زندگي جا اهڙا ئي ڪجهہ واقعا ۽ حڪايتون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿيون جن مان اهو معلوم ٿيندو تہ واقعي عاشقِ صادق، يارِ غار يارِ مزار حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِىَ اللهُ عَنْه جو جيئڻ مرڻ سڀ ڪجهہ الله پاڪ جي لاءِ هو.**

## صديقِ اڪبر جو تعارف

اچو! پهريان حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ جو ڪجھ تعارف ٻڌون ٿيون پوءِ سندن زندگي جا ڪجھ واقعا بہ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنديون سين.

اميرِ اهلسنّت، حضرت علامہ محمد الياس عطّار قادري دامت برکاتھم العالیہ پنهنجي رسالي "عاشقِ اڪبر" جي صفحي 3 تي حضرت سيدنا صديقِ اڪبر رضی اللہ عنہ جو تعارف بيان ڪندي فرمائن ٿا: ❖ خَلِيفَة المُسلِمِين، جانشينِ رَحمَة لّلعٰلَمِين، اميرُ المُومِنِين حضرت سَيدُنا صِدِيقِ اڪبر رضی اللہ عنہ جو مبارڪ نالو عبدالله آهي، ۽ سندن ڪُنيت ابوبڪر، ۽ صديق و عَتِيق سندن لقب هئا، صِدِّيق جي معنيٰ آهي "گهڻو سچ ڳالهائيندڙ" پاڻ رضی اللہ عنہ جاهليت واري دؤر ۾ ئي انهيءَ لقب سان مشهور هئا، ڇو تہ پاڻ سدائين سچ ڳالهيندا هئا، ۽ عَتِيق جي معنيٰ آهي"آزاد". سرڪارِ مدينہ صلی اللہ علیہ والہ وسلم پاڻ رضی اللہ عنہ کي خوشخبري ڏيندي فرمايو: اَنْتَ عَتِيقٌ مِنَ النَّارِ يعني(اي ابو بڪر!) "تون جهنم جي باھ کان آزاد آهين" تنهنڪري سندن جو اِهو لقب عَتِيق ٿيو.[1] پاڻ رضی اللہ عنہ قريشي هئا ۽ ستين پيڙهي ۾ سندن جو نسب رسول الله صلی اللہ علیہ والہ وسلم جي خانداني شجري سان ملي وڃي ٿو، پاڻ رضی اللہ عنہ عام الفيل جي تقريبًا اڍائي سالن کان پوءِ مڪۃُالمڪرمة زادھا اللہ شرفا وتعظیما ۾ پيدا ٿيا، اميرالمؤمنين حضرت سيّدنا ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ اهي صحابي آهن جن سڀ کان پهريان رسولِ اڪرم صلی اللہ علیہ والہ وسلم جي تصديق ڪئي ۽ ايمان قبول ڪيو، پاڻ رضی اللہ عنہ جون فضيلتون ۽ ڪمال ايتري قدر آهن جو اَنبِيَاءِ ڪِرام علیھم السلام ڪانپوءِ اڳين پوئين سڀني انسانن ۾ سڀ کان افضل ۽ اعليٰ آهن، آزاد مردن ۾ سڀ کان پهريان اسلام قبول ڪيو، ۽ اسلام جي خاطر ٿيندڙ گهڻين لڙائين ۾ شريڪ

[1] ... تاریخ الخلفاء،فصل فی اسمہ و لقبہ، ص۲۹

**تيا. صُلح ۽ جنگ جي سيني فيصلن ۾ نبي ڪريم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جا وزير ۽ مُشير بڻجي زندگي جي هر واٽ تي پاڻ ڪريم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو ساٿ ڏئي جان نثاري ۽ وفاداري جو حق ادا ڪيو، 2 سال7 مهينا مَسنَدِ خِلافت تي رونق اَفروز رهي 22 جُمادَی الاُخرٰي 13 هه سومر جو ڏينهن پورو ڪري انتقال ٿيو. اميرالمُؤمنين حضرت سيّدنا عمر** رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه **جنازي جي نماز پڙهائي ۽ روضي پاڪ ۾ حضورِ اَقدَس** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي ويجهو دفن ٿيا.** (الاکمال فی اسماء الرجال لصاحب المشکوۃ،حرف الباء فصل فی الصحابہ، ابو بکر الصدیق، ص۵۸۷، تاریخ الخلفاء ، ص۲۶ تا ۲۷ ماخوذا)

**اچو! هاڻي سندن جي حمايتِ رسول ۽ حمايتِ دين بابت ڪجھ واقعا ٻڌون ٿيون:**

## منهنجي محبوب جو حال ٻڌايو؟

**اسلام جي شروعات ۾ جڏهن صحابہ ڪرام جو تعداد اٺتيهه (38) تي ته حضرت سيدنا ابوبڪر صديق** رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه **اعلان ۽ اظهارِ اسلام جي لاءِ اجازت گهري، پر نبي ڪريم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **اهو چئي منع ڪيو ته هينئر نه! چوته اجان اسان تعداد ۾ گهٽ آهيون. پر نبي ڪريم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **حضرت سيدنا ابوبڪر صديق** رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه **جي اصرار تي اجازت ڏئي ڇڏي، پوءِ هر شخص پنهنجي خاندان کي اسلام جي دعوت پيش ڪرڻ لڳو. حضرت سيدنا ابوبڪرصديق** رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه **خطبو ڏيڻ جي لاءِ بيٺا. مڪي جي مشرڪن جڏهن مسلمانن کي کلم کليو دعوتِ اسلام ڏيندي ڏٺو ته انهن جو رت جوش هڻڻ لڳو ۽ اهي حضرت سيدنا ابوبڪر صديق** رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه **۽ ٻين مسلمانن تي ڏمرجي پيا ۽ انهن کي مارڻ شروع ڪيو. انهن حضرت سيدنا ابوبڪر صديق** رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه **کي به ڏاڍو ماريو ۽ انهن کي پيرن سان چيپاٽيو ويو ايستائين جو عتبہ بن ربيعہ خبيث پاڻ** رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه **جي ويجهو اچي پنهنجا ناپاڪ جوتا سندن مبارڪ چهري تي هڻڻ لڳو ۽ سندن کي ماري ماري ايترو ته زخمي ڪري ڇڏيو جو سندن چهرو سڃاتو نه پئي ويو، حضرت سيدنا ابوبڪر صديق** رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه**زخمن جي سٽ نه سهندي بي هوش تي**

ويا. جڏهن سندن جي قبيلي وارن کي خبر پئي تہ اهي ڊوڙندا آيا ۽ مشرڪن کي ڪين ڪان پري هٽايو، ۽ گهر کڻي ويا، سندن تشويشناڪ حالت ڏسي انهن کي ائين لڳو تہ پاڻ زندھ نہ رهي سگهندا، ان ڪري انهن بيتُ الله ۾ اچي اعلان ڪيو تہ **جيڪڏهن ابوبڪر زندھ نہ رهيو تہ اسان انهن جي بدلي ۾ عتبہ بن ربيعہ کي ضرور قتل ڪنداسين.** اهو اعلان ڪري اهي ٻيهر سندن وٽ آيا. نيٺ ڏينهن جي آخري حصي ۾ پاڻ رضي الله عنه کي هوش آيو. جڏهن قبيلي وارن پاڻ رضي الله عنه کان خيريت معلوم ڪئي تہ سندن جي زبان مان سڀ کان پهريون جملو اهو نڪتو تہ **رَسُولُ الله** صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ **ڪهڙي حال ۾ آهن؟** اها ڳالهہ ٻڌي قبيلي جا ڪيئي ماڻهو ناراض ٿي هليا ويا تہ جنهن جي ڪري اهو سڀ ٿيو آهي اڃان تائين پاڻ ان جو نالو وٺي رهيا آهن. ماڻهن سندن والده اُمُّ الخَير کي چيو تہ انهن کي ڪجهہ کارايو پيئاريو. سندن والده جڏهن ڪجهہ کائڻ پيئڻ جي لاءِ چونديون هيون تہ پاڻ صرف هڪ ئي جملو چوندا هئا: **رَسُولُ الله** صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ **ڪهڙي حال ۾ آهن؟** مون کي صرف انهن جي خبر ڏيو. اها حالت ڏسي سندن والده چوڻ لڳيون: **الله** جو قسم! مون کي خبر ناهي! پاڻ چيائون: اوهان **اُمِّ جميل بنت خطاب** (حضرت عمرفاروق رضي الله عنه جي ڀيڻ) وٽ وڃو ۽ انهن کان حضور صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ جي باري ۾ پڇي اچو. سندن جي والده ڊوڙي وڃي بي بي **اُمِّ جميل** وٽ پهتيون ۽ چيائون تہ''منهنجو پٽ ابوبڪر اوهان کان پنهنجي دوست **محمد** (صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ ) جي باري ۾ پڇي رهيو آهي تہ اهي ڪيئن آهن؟ (اُمِّ جميل بہ اسلام قبول ڪري چڪيون هيون جيئن تہ اڃان انهن کي اسلام خفيہ رکڻ جو حڪم هو ان ڪري) انهن چيو: مان تہ انهن کي نٿي سڃاڻان، ها! جيڪڏهن اوهان چئو تہ مان اوهان سان گڏ اوهان جي پٽ وٽ هلان ٿي. ٻئي حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه وٽ پهتيون. بي بي اُمِّ جميل صديقِ اڪبر کي زخمي ۽ بيحال ڏسي پريشان ٿي ويون، پاڻ رضي الله عنه انهن کان اهو ئي پڇيو تہ **رَسُولُ الله** صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ **ڪهڙي حال ۾ آهن؟** بي بي اُمِّ جميل سندن جي والده ڏانهن اشارو ڪيو تہ اها ٻڌي رهي آهي. پاڻ فرمايائون: انهن جو فڪر نہ ڪيو،

توهان ٻڌايو انهن چيو: پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ محفوظ آهن ۽ بلڪل خيريت سان آهن. فرمايائون: خدا جو قسم! مان ان وقت تائين نه ڪجھ کائيندس ۽ نه پيئندس جيسيتائين پنهنجي محبوب آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي بذاتِ خود ڏسي نه وٺان. جڏهن سيئي ماڻهو هليا ويا ته سندن والده ۽ اُمِّ جميل بنتِ خطّاب سندن کي سهارو ڏئي شهنشاهِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ وٺي ويون، جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي عاشقِ کي ڏٺو ته روئڻهارڪا ٿي ويا ۽ اڳتي وڌي انهن کي سيني سان لاتو ۽ انهن کي چمڻ لڳا، زخمن سان چور صديقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه کي ڏسي حضور عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي گهڻي رقّت طاري ٿي، ان تي صديقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه عرض ڪيو: يارَسُوۡلَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ!منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قُربان، مان نيڪ آهيان بس چهرو ٿورو زخمي ٿي ويو آهي. (تاريخ مدينه دمشق،ج۳۰،ص۴۹،البداية والنهاية، ج۲، ص۳۶۹)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ڏٺو اوهان ته حضرت سيدنا صديق اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه جو الله جي پياري رسول، بي بي آمنه جي گل صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان ڪيترو مضبوط تعلق هو، سڄو بدن زخمن سان چور چور آهي، چهرو به زخمي آهي، سڄو قبيلو به ناراض ٿي رهيو آهي، گهر وارا به پريشان آهن، پر ڪنهن جي پرواهه ڪرڻ بغير بس هڪ ئي جملو زبان تي آهي ته مون کي ٻڌايو منهنجي محبوب آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڇا حال آهي؟ ڇڻ ته حضرت صديق اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه عملي طور تي باقي دنيا تائين جي مسلمانن کي اهو درس ڏئي ويا ته جيئڻ آهي ته به مصطفيٰ جي لاءِ، مرڻ آهي ته به مصطفيٰ جي لاءِ. حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه جي انهيءَ عشق ڀري معمولات کي ڏسي چوڻو پئي ٿو ته

پروانے کو چراغ، بُلبُل کو پھول بس
صدّیق کیلئے ہے خُدا اور رسول بس

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!          صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بنا سوچڻ جي ايمان آندائون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي زندگي جو مطالعو ڪيو وڃي ته ائين لڳندو آهي ته پاڻ سرڪارِ دوعالم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي باري ۾ پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون هيون. الله جي پياري رسول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جيڪو به فرمائي ڇڏيو اهو ئي حق آهي. ايستائين جو جڏهن آقا ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ انهن کي دعوتِ اسلام ڏني هئي تڏهن به انهن يڪدم لبيڪ چئي ايمان قبول ڪيو. ائين لڳي ٿو ته پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي دل پهريان ئي ايمان قبول ڪرڻ جي لاءِ تڙپي رهي هئي صرف دعوت ملڻ جي دير هئي ۽ اها شمع عشقِ رسالت جيڪا روشن ٿيڻ لاءِ بيتاب هئي يڪدم روشن ٿي وئي. ان ڪري منهنجي ۽ اوهان جي نبي پياري نبي، مني نبي، سچي نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مون جنهن کي به اسلام جي دعوت ڏني ان ڪجهه نه ڪجهه وقت ورتو، ٿورو گهڻو غور و فڪر ضرور ڪيو، پر ابوبڪر صديق اها واحد هستي آهن جو جڏهن مون انهن کي اسلام جي دعوت ڏني ته انهن بنا ڪنهن تردد، بغير ڪنهن غوروفڪر ۽ بنا ڪنهن سوچ ويچار جي يڪدم ڪلمو پڙهي ورتو ۽ اسلام ۾ داخل ٿي ويا.(تاریخ مدینہ دمشق، ۳۰/۴۴)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! سوچيو! ته اسلام جي ابتدائي دور ۾ جڏهن ته ماڻهو دعوتِ اسلام ملڻ تي ايمان ته ڇا آڻيندا، الٽو دشمن ٿي ويندا هئا. طرح طرح جون سازشون ڪندا هئا، دين کي نقصان پهچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا هئا، جيڪڏهن ڪو ايمان آڻيندو هو ته ان جا دشمن ٿي ويندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪو ايمان آڻڻ وارو هوندو به هو ته خوب سوچيندو، غور و فڪر ڪندو، سوالات ڪندو، دل کي مطمئن ڪندو هو، معجزات ڏسندو، تسلي ڪندو ۽ پوءِ وڃي اسلام آڻيندو هو. پر حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو شان اهو آهي جو انهن کي جيئن ئي دعوتِ اسلام ملندي آهي ته نه صرف اهو جو

ايمان آڻيندا آهن بلڪ سڀ کان پهريان محافظِ اسلام بہ بڻجي ويندا آهن. ۽ سندن ايمان جي مضبوطي اهڙي آهي جو انهن کي ڏسي، ٻڌي، پڙهي، ڪيترن ئي ماڻهن جو ايمان مضبوط ٿي ويندو آهي. ۽ سندن ايمان جي مضبوطي جي باري ۾ مديني وارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: جيڪڏهن هڪ پڙ ۾ منهنجي سڄي اُمّت جو ايمان رکيو وڃي ۽ ٻئي پڙ ۾ صرف ابو بڪر جو ايمان رکي وزن ڪيو وڃي تہ ابوبڪر جي ايمان وارو پڙ وزني ٿي ويندو. (شعب الایمان،باب القول في زيادة الايمان۔۔۔ الخ،۶۹/۱،حديث:۳۶ بالفاظ مختلفۃ) جڏهن اهڙو شان هجي تہ پوءِ چوڻو پوندو:

پروانے کو چراغ، بُلبُل کو پھول بس

صدّیق کیلئے ہے خُدا اور رسول بس

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! حضرت سيدنا صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي حفاظت ۽ دين جي سربلندي لاءِ ڏنل قربانين بابت ڪجھ ٻيا بہ واقعا ٻڌون ٿيون:

## بدبختو! هلاڪ ٿي وڃو

حضرت اسماء رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا جيڪا حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي وڏي نياڻي آهي اُنهن کان ڪنهن پڇيو تہ الله پاڪ جي پياري رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي مشرڪن سڀ کان وڏيڪ تڪليف ڪڏهن ڏني هئي؟ تہ حضرت اسماء فرمايو: هڪ ڀيري مشرڪ مسجدِ حرام ۾ ويهي سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ۽ دينِ اسلام جي باري ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا تہ ايتري ۾ مصطفيٰ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ بہ اتي تشريف فرما ٿيا، مشرڪن جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي ڏٺو تہ سيني پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي گهيري ورتو ۽ طرح طرح جا سوال ڪرڻ لڳا، اهي جيڪو پڇندا هئا، آقا ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سچ بيان فرمائيندا هئا، اهي چوڻ لڳا: توهان اسان جي خدائن جي باري ۾ فلاڻي فلاڻي ڳالھ ڪئي هئي؟ پاڻ فرمايائون: ها! ڪئي هئي. اهو ٻڌي اهي سيئي پاڻ سڳورن تي ميڙجي پيا

۽ سندن کي تڪليفون ڏيڻ شروع ڪيون.

هڪ شخص پڄندو اچي حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْه وٽ پهتو ۽ ٻڌايو تہ توهان جي دوست کي مشرڪ تڪليفون پهچائي رهيا آهن انهن جي مدد جي لاءِ وڃو، پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه ڊوڙندا مسجد پهتا، ڏٺائون تہ مشرڪ نبي ڪريمصَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پڪڙيو وينا آهن. پاڻ ايندي ئي فرمايائون: **اڙي بدبختو! مري وڃو توهان ماڻهو**! هنن جو اهو ئي قصور آهي جو هي چون ٿا تہ منهنجو رب صرف الله آهي. ان ڪري توهان هن کي قتل ڪرڻ چاهيو ٿا، بس ايترو چوڻ هو جو انهن بدبختن سرڪارصَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڇڏي حضرت سيدنا ابوبڪرصديق رَضِیَ اللهُ عَنْه کي پڪڙي مارڻ شروع ڪيو. حضرت اسماء رَضِیَ اللهُ عَنْها فرمائن ٿيون: جڏهن حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهواپس موٽيا تہ سندن زخمن جو حال اهو هو جو سندن مبارڪ مٿي تي ڪٿي بہ هٿ لڳايو ويندو هو تہ سندن زلفن جا وار لهي هٿ ۾ اچي ويندا هئا پر ان جي باوجود پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه جي زبان تي لفظ اهي هئا تہ: اي ربِ ذُوالجَلَالِ وَالْاِڪرَام! تون وڏي برڪتن وارو آهين. (نوادر الاصول ، الاصل الثاني عشروالمائتان، ، ۷۷۸/۲ الحديث:۱۰۷۵)

شمع کو چراغ، بُلبُل کو پھول بس
صدّیق کیلئے ہے خُدا اور رسول بس

## آلِ فرعون جي مومن کان بهتر

حضرت علي المرتضي رَضِیَ اللهُ عَنْهفرمائن ٿا تہ هڪ ڏينهن مون ڏٺو تہ قريش جي ڪافرن نبي پاڪصَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي گهيري ورتو هو ۽ سندن کي مختلف قسم جون تڪليفون ڏئي رهيا هئا، هڪ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام تي هٿ کڻي رهيو آهي تہ ٻيو وري نهايت سخت ۽ تڪليف ده لهجي ۾ ڳالهائي رهيو هو ۽ اها بڪواس بہ ڪري رهيو هو تہ تون ئي آهين اهو شخص جنهن سيني خدائن کي ڇڏي هڪ خدا بڻائي ورتو آهي. حضرت علي فرمائن ٿا: خدا جو قسم! ان وقت حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْه کان علاوه ڪو بہ پياري آقاصَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

جي ويجهو نہ ويو، حضرت سيدنا ابوبڪر صديق ئي هڪ قريشي کي ماريو، ٻئي کي ڌڪو ڏنو ۽ ٽئين کي ڇيپاٽيندي سيني کي پوئتي هٽايو ۽ چيائون: افسوس آهي توهان تي! اهڙي شخصيت کي شهيد ڪرڻ چاهيو ٿا جيڪو چوي ٿو تہ منهنجو رب اللّٰه آهي. اهو واقعو ٻڌائڻ کان پوءِ حضرت علي المرتضي شير خدا كَرَّمَ الله وَجْهه الْكرِيم **پنهنجي** مٿان چادر هٽائي ۽ زارو قطار روئڻ لڳا ۽ ايترو رُنا جو ڏاڙهي لڙڪن سان تر ٿي وئي، پوءِ ارشاد فرمايائون، انسانو: مان توهان کي خدا جو واسطو ڏئي پڇان ٿو، مون کي ٻڌايو تہ **آلِ فرعون جو مومن بهتر هو يا حضرت ابوبڪر صديق** رَضِيَ اللهُ عَنْه**؟** (هتي اها ڳالهہ ياد رکو تہ آلِ فرعون جو مومن ڪير هو؟ اهو فرعون جي قوم جو هڪ شخص هو جيڪو حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي ايمان آڻي چڪو هو پر ان پنهنجو ايمان ظاهر نہ ڪيو، پنهنجي قوم کان بہ ان پنهنجو ايمان لڪايو هو. بعد ۾ جڏهن فرعون ۽ ان جا ساٿي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي قتل ڪرڻ لڳا تہ ان انهن کي هن بري ارادي کان باز رکيو هو.) تہ جڏهن حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْه ماڻهن کي فرمايو تہ مان توهان کي خدا جو واسطو ڏئي پڇان ٿو، مون کي ٻڌايو تہ **آلِ فرعون جو مومن بهتر هو يا حضرت ابوبڪر صديق** رَضِيَ اللهُ عَنْه**؟** تہ تمام ماڻهو خاموش رهيا. حضرت علي فرمائڻ لڳا: مون کي جواب چو نٿا ڏيو؟ پوءِ پاڻ ئي ارشاد فرمايائون تہ خدا جو قسم! ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه جي زندگي جو هڪ لمحو آلِ فرعون جي مومن جهڙي شخص جي ڪيئي ڪلاڪن کان بهتر آهي، چو جو ان ٻانهي تہ پنهنجي ايمان کي لڪائي رکيو هو ۽ حضرت صديق اڪبر تہ پنهنجي ايمان جو اعلانيہ اظهار ڪندا هئا. (مسند البزار، ومما روي محمد بن عقيل عن علي، ۳/۱۴، الحديث: ۷۶۱ ملخصا) ۽ مڪي مدني حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حمايت جو ڪم بہ ڪندا هئا ۽ ڪنهن جي پرواهہ نہ ڪندا هئا. ان ڪري جو سندن زندگي انهيءَ کان شروع ٿيندي آهي ۽ ان تي ختم ٿيندي آهي پوءِ چونہ چئجي.

پروانے کو چراغ، بُلبُل کو پھول بس

صدّیق کیلئے ہے خُدا اور رسول بس

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مال جي ذريعي دينِ اسلام ۽ صاحبِ اسلام جي خدمت

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان جيڪو پيار ۽ محبت ڀريو ورتاءُ هو، اهو دولت ۽ مال جي باري ۾ بہ برقرار هو، حضرت سيدنا صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي باري ۾ اچي ٿو تہ پاڻ واپاري هئا، ڪپڙي جي وڏي ڪاروبار جا مالڪ هئا، جنهن ڏينهن اسلام آندائون ان وقت سندن وٽ چاليهہ هزار درهم يا دينار(يعني 40 هزار چاندي يا سون جا سڪا) هئا، اسلام آڻڻ ڪان پوءِ اهو سمورو مال راهہ خدا ۾ خرچ ڪري ڇڏيو. (تاريخ مدينہ دمشق، ج٣٠، ص٦٦)

هڪ روايت ۾ اچي ٿو تہ صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اها هستي آهن جن اسلام قبول ڪرڻ ڪان بعد ڪان وٺي مدينہ شريف ڏانهن هجرت ڪرڻ تائين پنهنجو مال اسلام جي سربلندي لاءِ قربان ڪندا رهيا. هجرت جي وقت سندن وٽ پنج يا ڇهہ هزار درهم هئا جيڪي پاڻ گڏ ڪنيائون. (۽ رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قدمن تي قربان ڪري ڇڏيا. (السيرة النبوية لابن هشام، هجرة الرسول، ابو قحافة واسماء بعد هجرة ابي بكر، ١/٤٤١)

مديني پاڪ ۾ اچي پنهنجي گهر جو سمورو سامان راهہ خدا ۾ ڏيڻ جو واقعو بہ سندن ئي جو آهي. حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي معمولات ڪي ڏسي لڳي ٿو تہ جتي بہ خرچ ڪرڻ جي ضرورت پوندي هئي ۽ پاڻ وٽ مال هوندو هو تہ پاڻ بنا ڪنهن سوچڻ جي اتي مال خرچ ڪندا هئا. اسلام جي مدد ۽ نصرت جي لاءِ پاڻ ڪلي دل سان پنهنجو ذاتي مال خرچ ڪيو. روايتن ۾ اچي ٿو تہ حَضرتِ ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اها هستي آهي جو جن جي مال ڪي الله جا پيارا رسول عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي مال جيان ئي خرچ ڪندا هئا. (المصنف لعبد الرزاق، كتاب الجامع، باب اصحاب النبي، ١٠/٢٢٢، الحديث: ٢٠٨٤٨)

حضرت صدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْه پنهنجي مال مان مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اهڙي خدمت ڪئي جو آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ خود ارشاد فرمايو: مون کي ڪنهن جي مال ايترو فائدو نہ ڏنو جيترو ابوبڪر صديق جي مال ڏنو۔(سنن ابن ماجہ، ڪتاب السنۃ، باب في فضائل اصحاب رسول اللہ، ۱/۷۲، الحديث: ۹۴)

حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْه جي اهڙي عقيدت ۽ محبت ڪي ڏسي چوڻو پوي ٿو تہ

پروانے کو چراغ، بُلبُل کو پھول بس

صدّیق کیلئے ہے خُدا اور رسول بس

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هاڻي اسان حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْه جي زندگي جي جن پهلوئن بابت ٻڌو آهي هن مان اسان کي اهو درس مليو تہ اسان بہ پنهنجي زندگي کي دين جي تابع ڪريون. انهن جو حال اهو هو جو تن من ڌن سڀ راهِ خدا ۾ قربان ڪرڻ لاءِ تيار رهندا هئا اسان کي سوچڻ گهرجي تہ اسان دين جي خدمت ۾ پنهنجو ڪيترو حصو شامل ڪري رهيون آهيون. چاهي اهو حصو مال جو هجي يا وقت جو، چوتہ اڄ هڪ تعداد آهي جنهن وٽ ”وقت ناهي“. هڪ تعداد اهڙي بہ آهي جو جنهن وٽ وقت بہ آهي پر ان جو استعمال درست ناهي. جڏهن تہ سچي عاشقِ رسول، حضرت سيدنا صديق اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْه جو معاملو اهو هو جو تڪليفون سهي بہ دين جي تبليغ ڪي، نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ نہ ڇڏيو اسان جو معاملو اهو آهي جو آسانين ۽ آسائشن جي باوجود نيڪي جي دعوت ناهي ڏني ويندي، انهن جو معاملو اهو هو جو انهن جي زندگي جو هر قدم دين جي سربلندي جي لاءِ کڄندو هو، جڏهن تہ اسان جو معاملو اهو آهي جو اسان پاڻ ڪيئي فرض ۽ واجبات فقط پنهنجي سستي سان ڇڏي ڏينديون آهيون. انهن جو معاملو اهو هو جو دين کي ضرورت پوندي هئي تہ پنهنجي گهر جو سمورو مال راهِ خدا

۾ قربان ڪندا هئا جڏهن ته اسان جو حال اهو آهي جو راهِ خدا ۾ پهريان ته ڏيون نٿيون، ۽ جيڪڏهن ڏيون به ته خوب غور و فڪر ڪري گهٽ ۾ گهٽ ڏيڻ جي ڪوشش ڪريون ٿيون. اي ڪاش! اسان ۾ به عمل جو جذبو پيدا ٿي وڃي. اي ڪاش! اسان جو جيئڻ مرڻ به **الله** پاڪ جي رضا جي لاءِ ٿي وڃي. ياد رکو! جيڪڏهن اسان جي آسپاس جو ماحول سازگار هجي ته مشڪل ڪان مشڪل ڪم به ٿي سگهن ٿا. لهٰذا چڱي ماحول جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ هر دم هن ماحول سان جڙيل رهو.

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اسان حضرت صديقِ اڪبر رضی اللہ عنہ جي باري ۾ ٻڌي رهيون هيون سين، هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته پاڻ رضی اللہ عنہ **الله** پاڪ ۽ ان جي رسول علیہ السلام ۽ دينِ اسلام جي خدمت ڪي پنهنجو مقصدِ حيات بڻائي رکيو هو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ جيڪڏهن سندن خدمت تي نگاهه وڌي وڃي ته عقل حيران ٿيندو. ❖ سڀ کان پهريان ڪلمو پڙهندڙ **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن. ❖ مردن ۾ سڀ کان پهريان صحابي جي منصب سان مشرف **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن. ❖ سڀ کان پهريان مومن جو اعزاز ماڻيندڙ **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن. ❖ سڀ کان پهريان ڪعبه شريف ۾ خطبو ڏيندڙ **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن. ❖ قبولِ اسلام کان پهريان ۽ بعد هميشه شراب کان پري رهندڙ **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن.❖ پنهنجي ذاتي مال مان چاليهه هزار دينار پياري آقا جي قدمن تي نڇاور ڪندڙ **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن.❖ حضرت بلال کي آزاد ڪرائيندڙ **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن. ❖ پنهنجي گهر جو سمورو مال راهه خدا ۾ قربان ڪندڙ **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن.❖ پياري آقا کي پنهنجي ڪلهن تي ويهاريندڙ **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن. ❖ غار ۾ ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون آقا ڪريم علیہ السلام سان گڏ رهندڙ **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن. ❖پنهنجي ڪپڙن کي ڦاڙي غار جي سوراخن کي بند ڪندڙ **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن. ❖غار ۾ آقا ڪريم علیہ السلام کي پنهنجي هنج ۾ سمهارڻ وارا **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن. ❖ نانگ جي ڏنگڻ جي تڪليف کي برداشت ڪري به آقا ڪريم علیہ السلام کي نه

جاڳائڻ وارا **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن. ❖ جن جي ڪڙي تي آقا ڪريم عَلَيۡهِ السَّلام پنهنجو لعاب مبارڪ لڳايو اهي **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن. ❖ هجرت جي موقعي تي آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ڪرڻ وارا **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن.❖ قرآنِ پاڪ ۾ جن کي ثَانِيَ اثۡنَيۡنِ جو لقب ڏنو ويو اهي **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن.❖ قرآن ڪريم جن جي صحابي هئڻ جو اعلان فرمايو آهي اهي **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن. هر مشڪل ۽ مصيبت ۾ آقا ڪريم عَلَيۡهِ السَّلام جو ساٿ ڏيڻ وارا **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن. ❖سفر هجي يا حضر هجي، غار هجي يا مزار هجي هر هڪ هنڌ آقا ڪريم عَلَيۡهِ السَّلام سان گڏ رهڻ وارا **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن. ❖ جن جي خدمتن ۽ احسانن جو تذڪرو خود آقا ڪريم عَلَيۡهِ السَّلام فرمايو آهي اهي **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن.❖ آقا ڪريم عَلَيۡهِ السَّلام جي زندگي ۾ جن ڪيئي ڀيرا امامت جو شرف حاصل ڪيو آهي اهي **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن. ❖منڪرينِ زڪوٰة جو خاتمو فرمائڻ وارا **حضرتِ صدّيقِ اڪبر** آهن. ❖ **امير اهلسنت** دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه "**وسائلِ بخشش**" ۾ ڪيتري عشق ڀري انداز ۾ شانِ صديقي بيان ڪري رهيا آهن:

يقيناً منبعِ خوفِ خدا صدّیقِ اکبر ہیں — حقیقی عاشقِ خیرُالوریٰ صدیقِ اکبر ہیں
بلاشک پیکرِ صبر و رضا صدیقِ اکبر ہیں — یقیناً مخزنِ صدق و وفا صدیقِ اکبر ہیں
جو یارِ غارِ محبوبِ خدا صدیقِ اکبر ہیں — وہی یارِ مزارِ مصطفٰے صدیقِ اکبر ہیں
عمر سے بھی وہ افضل ہیں وہ عثماں سے بھی ہیں اعلیٰ — یقیناً پیشوائے مرتضیٰ صدیقِ اکبر ہیں
نہ ڈر عطار آفت سے خدا کی خاص رحمت سے — نبی والے ترے مشکلکشا صدیقِ اکبر ہیں

(وسائل بخشش مرمم، ص۵۶۵-۵۶۷)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اچو! هاڻي حضرت سيدنا ابوبڪر صديق**

اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي هڪ ڪرامت بہ ٻڌون ٿيون:

## ڪاڌي ۾ برَڪت

امير المومنين،حضرت ابوبڪرصديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو وڏو فرزند حضرت سَيدُنا عبدُالرَّحمٰن رَضِیَ اللہُ عَنْہ بَيان فرمائي ٿو تہ هڪ ڀيري حضرت سَيدُنا ابوبَڪر صِدّيق رَضِیَ اللہُ عَنْہ بارگاهِ رِسالت جي ٽن (3) مهمانن کي پنهنجي گهر وٺي آيا ۽ پاڻ رسولِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمتِ اَقدس ۾ حاضِر ٿيا. ڪافي دير تائين گفتگو ۾ مصروف رهيا ايستائين جو رات جو ڪاڌو پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ حضور پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن سان گڏجي تناول فرمايو ۽ ڪافي رات گذرڻ ڪانپوءِ پنهنجي گهر آيا. سندن گهرواريءَ عَرض ڪيو: پنهنجي گهر مهمانن کي گهرائي اوهان ڪيڏانهن هليا ويا هئا؟ حضرت سَيدُنا ابوبَڪر صِدّيق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن فرمايو: ڇا اڃان تائين تو مهمانن کي ڪاڌو ناهي ڪارايو؟ عَرض ڪيائين: مون ڪاڌو پيش ڪيو پر اُنهن گهر ڀاتين جي غير موجودگي ۾ ڪاڌو ڪائڻ ڪان اِنڪار ڪري ڇڏيو. اهو ٻڌي پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ پنهنجي صاحِبزادي حضرت سَيدُنا عبدُالرّحمٰن رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان ناراضي جو اِظهار فرمايو، پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ مهمانن سان گڏ ڪاڌو ڪائڻ لاءِ ويهي رهيا ۽ سيني مهمانن خوب پيٽ ڀري ڪاڌو ڪاڌائون. مهمانن جو بَيان آهي تہ جڏهن اسان ڪاڌي جي ٿانوءَ مان گرهہ کڻندا هئاسين تہ جيترو ڪاڌو هٽ ۾ ايندو هو، ان ڪان وڌيڪ ڪاڌو ٿانوَ ۾ هينئان ڪان وڌي ويندو هو ۽ جڏهن اسان ڪاڌي مان فارِغ ٿياسين تہ ڪاڌو گهٽ ٿيڻ بدران ٿانوَ ۾ ڀرين ڪان وڌي ويو. حضرت سَيدُنا صِدّيق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ حيران ٿيندي پنهنجي گهرواريءَ کي فرمايو: اِهو ڇا ماجرو آهي جو ٿانوَ ۾ ڪاڌو ڀرين ڪان ڪجهہ وڌيڪ نظر اچي ٿو؟ اُنهن قسم کڻي عَرض ڪيو: واقعي اهو ڪاڌو ڀريان ڪان ٽي (3) ڀيرا وڌي ويو آهي. پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ ان ڪاڌي کي کڻي بارگاهہ رسالت ۾ آيا. جڏهن صُبح ٿيو تہ اوچتو مهمانن جو هڪ قافِلو دربارِ رسالت ۾ حاضِر ٿيو جنهن ۾ ٻارهن (12) قبيلن جا ٻارهن (12) سردار هئا ۽ هر سَردار سان گڏ ٻيا ڪوڙ سُوار

۽ هئا. اُنهن سيني ماڻهن اهو کاڌو کاڌو ۽ قافِلي جي سيني سَردارن ۽ تمام مهمانن جي جماعت ان کاڌي کي پيٽ ڀري کاڌو پر پوءِ بہ انهن ٿانون ۾ کاڌو ختم نہ ٿيو.( بخارى،كتاب المنا قب،باب علامات النبوة فى الاسلام،۴۹۵/۲، حديث:۳۵۸۱ مختصرا، حجة الله على العالمين، الخا تمة فى اثبات كرامات الاولياء ۰۰۰الخ ،المطلب الثالث فى ذكر جملة جميلة. ..الخ ،۶۱۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان تہ حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْه جي اها کهڙي نہ زبردست ۽ ايمان افروز ڪرامت هئي، مهمانن سان گڏ کاڌو کائڻ وينا تہ کاڌي ۾ ايتري قدر برڪت بلڪ ظاهري طور ايترو کاڌو وڌي ويو جو مهمانن بہ ان جو مشاهدو ڪيو ۽ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه جي زوجہ محترمہ مهمانن جي پيٽ ڀري کائڻ جي باوجود ڀهريان کان ٽي ڀيرا وڌيڪ هئڻ جو قسم کنيو، ايستائين جو ٻارهن سردارن ۽ انهن سان گڏ ڪيئي سوارن تي مشتمل وفد جيڪو حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيو ان وفد جي تمام ماڻهن بہ پيٽ ڀري ماني کاڌي پر ٿانوءَ ۾ ماني باقي بچيل رهي. اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! ياد رهي تہ جتي اها حضرت صدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْه جي ڪرامت آهي اتي اها سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو معجزو پڻ آهي. ڇوتہ امتي کان ظاهر ٿيندڙ ڪرامت حقيقت ۾ ان جي نبي جو معجزو هوندو آهي.

## ملڪ العلماء جو تعارف

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْه جي خدمتن ۽ واقعن جي باري ۾ ٻڌو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه اسان جي دين جي اها خوبي آهي تہ هر دور ۾ الله پاڪ جا نيڪ ٻانها انتهائي اخلاص سان دين جون مختلف خدمتون سر انجام ڏيندا رهن ٿا، دين جي انهيءَ عظيم خدمتگارن مان اعليٰ حضرت جو خليفو، حضرت ملڪ العلماء سَيد شاهہ محمد ظفرُ الدين بهاري قادري رضوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي پوري زندگي دين جي خدمت ئي جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي، جيئن تہ سندن عرسِ مبارڪ هن ئي

جمادي الأُخري جي مهيني جي 19 تاريخ تي ملهايو ويندو آهي، تنهنڪري انهيءَ مناسبت سان پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو بہ ڪجھ ذڪرِ خير پڙهون ٿيون، اي ڪاش انهن بزرگن جي عظيم تذڪري جي صدقي اسان جي اندر بہ دين جي خدمت جو جذبو پيدا ٿي وڃي.

حضرت ملڪ العلماء سَيد محمد ظفرُ الدين بهاري قادري رضوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي نوراني اولاد مان آهن. پنهنجي وقت جا ممتاز عالمِ دين، زبردست مفتي، بي مثال مصنف، ماهر مدرس، اسلامي دانشور، بهترين استاد، صوفِي باصفا، وقت جا ولي ۽ پيرِ طريقت هئا. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪيئي علوم ۾ مهارت رکندا هئا. سندن رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪان ڪوڙ ماڻهن علم جو فيض حاصل ڪيو آهي. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي حيات تي لکيل ڪتاب "حيات ملڪ العلماء" ۾ آهي: پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هندوستان جي انهن عالمن ۽ مصنفن مان هئا جن جي علمي شهرت پري پري تائين هئي ۽ جن جي ڪتابن سان پاڪ و هند جا رهواسي وڏي تعداد ۾ مستفيد ٿيا. پاڻ مضبوط علمي صلاحيت رکندڙ ڪامياب ۽ شفيق استاد، علمي تقرير ڪندڙ، دل نشين ڳالهيون ڪندڙ موثر واعظ، پنهنجي علم ذريعي بدمذهبن کي لاجواب ڪندڙ مناظر ۽ پنجاهہ کان وڌيڪ ڪتابن جا نامور مصنف هئا، جن جي تاليفات وتصنيفات جو دائرو وسيع هو ۽ ڪيئي علوم و فنون تي مشتمل هو. (حيات ملڪ العلماء، ص ٧ ملتقطا) سندن تاليفات ۽ تصنيفات جو تعداد 70 کان وڌيڪ آهي تصانيف جو سلسلو ڪم و بيش 50 سال تائين جاري رکيائون، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حديث، اصولِ حديث، فقہ ، اصولِ فقہ، تاريخ ، سيرت، فضائل، مناقب، اخلاق، نصائح، صرف، نحو، منطق، فلسفہ، ڪلام، هيئت، توقيت (يعني نماز، روزو ۽ سحر و افطار وغيره جي لاءِ وقت بيان ڪرڻ جي علم)، تڪسير ۽ مناظري وغيره علوم تي مشتمل ڪتاب لکيا. (حياتِ ملڪ العلماء، ص ١٧ماخوذا)

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه محبتِ رسول ۾ سرشار رهندا هئا، گهڻين ديني مصروفيتن

جي باوجود پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو گهڻو وقت وظائف و اوراد ۽ يادِ الٰهي جي لاءِ مخصوص هو. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي هن هونهار شاگرد جي لاءِ بارگاهِ الٰهي ۾ شعريه انداز ۾ هن طرح دعا گهرن ٿا:

میرے ظفر کو اپنی ظفر دے      اس سے شکستیں کھاتے یہ ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!      صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## وصالِ پُرملال

ملڪ العلماء مولانا ظفرُ الدين بهاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏي عرصي کان بلڊ پريشر جي مرض ۾ مبتلا هئا ۽ نهايت ڪمزور ٿي ويا هئا. پر سندن عبادت و رياضت ۾ ڪڏهن ڪا ڪمي نہ آئي، نہ سندن جي روزانہ جي معمولات ۾ ڪو فرق آيو. زندگي جي آخري ڏينهن تائين علمي ۽ ديني فرائض حسبِ معمول انجام ڏيندا رهيا. سومر جي رات 19 جمادي الأُخريٰ 1382 هجري بمطابق 18 نومبر 1962 عيسوي تي بلند آواز سان ذڪرِ اللّٰه اللّٰه ڪندي هن طرح وصال فرمايائون جو ڪجھ دير تائين گهروارن کي هن ڳالھ جو احساس بہ نہ ٿيو تہ سندن وصال ٿي ويو آهي، ٻئي ڏينهن حضرت شاھ محمد ايوب شاهدي رشيدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سجاده نشين خانقاه اسلام پور ضلع پٽنہ جن سان پاڻ کي فردوسي، شطّاري، سهروردي ۽ ڪجھ ٻين سلسلن ۾ خلافت ۽ اجازت حاصل هئي، اهي اتفاق سان تشريف وٺي آيا ۽ انهن ئي ملڪ العلماء رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نمازِ جنازه پڙهائي. (حيات ملک العلماء، ص ١۶ملخصا) اللّٰه پاڪ سندن درجا بلند فرمائي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بلاحساب مغفرت فرمائي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!      صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿي، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي:

جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب!          صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سلام ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

﴿1﴾ مسلمان(محارم) سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي. ﴿2﴾ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهار شريعت جلد 3 صفحي 469 تي لکيل مسئلي جو خلاصو آهي: ”سلام ڪرڻ وقت دل ۾ اها نيّت هجي تہ جنهن کي سلام ڪري رهي آهيان ان جو مال ۽ عزت آبرو سڀ ڪجهہ منهنجي حفاظت ۾ آهن مان ان مان ڪنهن شيءِ ۾ دخل اندازي ڪرڻ حرام سمجهان ٿي“

﴿3﴾ ڏينهن ۾ ڪيتري ڀيرا بہ ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري کان ٻي ڪمري ۾ بار بار اچڻ وڃڻ ٿئي اتي موجود (محرم) مسلمانن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي.

﴿4﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ سنّت آهي.

﴿5﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ واري تَڪَبُّر کان بري آهي

﴿6﴾ سلام (۾ اڳرائي) ڪرڻ واري تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿين ٿيون. (جامع الصغير للسيوطي،الحديث 487 ص 36)

﴿7﴾ اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ چوڻ سان 10 نيڪيون ملن ٿيون ۽ وَرَحۡمَةُ اللّٰهِ بہ چونديون تہ 20 نيڪيون ٿي ويندون ۽ وَبَرَكَاتُه شامل ڪنديون سين تہ 30 نيڪيون ٿي وينديون. ڪجهہ اسلامي ڀينرون سلام سان گڏ جنّت المقام ۽ دوزخ الحرام جا الفاظ بہ وڌائينديون آهن اِهو غلط طريقو آهي.

﴿8﴾ سلام جو جواب جلدي ۽ ايڏي آواز سان ڏيڻ واجب آهي جو سلام ڪرڻ واري ٻڌي وٺي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!     صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اِنْ شَآءَاللہ! ايندڙ هفتيوار اِجتماع جو موضوع هوندو: **”رجب جو مهينو ڪيئن گذاريون“** جنهن ۾ نيڪ ماڻهن جا وصف، رجب شريف جو مهينو گذارڻ جي متعلق مدني گلن سميت مڪتوباتِ عطار ٻڌڻ جي به سعادت حاصل ڪنديون سين. لهٰذا! **آئنده اربع** اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ڀين ڪي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ کڻي چئو: ! اِنْ شَآءَاللہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!     صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد